# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2008
# SINDH ACT NO.VII OF 2008
## سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) (ترميم) ايڪٽ، مجريه 2008
## THE SINDH GOTH_ ABAD (HOUSING SCHEME) (AMENDMENT) ACT, 2008
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1987 جي دفعه 1 جي ترميم
Amendment of section 1 of Sind Act No. VII of 1987

4. سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 1987 جي دفعه 25 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No. VIII of 1987

5. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1987 جي دفعه 2_A کي شامل ڪيو ويندو
Insertion of section 2_A in Sind Act No. VII of 1987

6. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1987 جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act No. VII of 1987

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2008

# SINDH ACT NO.VII OF 2008

# سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) (ترميم) ايڪٽ، مجريه 2008

# THE SINDH GOTH_ ABAD (HOUSING SCHEME) (AMENDMENT) ACT, 2008

[21 آڪٽوبر 2008]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) ايڪٽ، 1987 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) ايڪٽ، 1987 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جنهن ڪي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو:

جنهن ڪي هيٺين طريقي سان نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ڪي سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) (ترميم) ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1987 جي دفعه 1 جي ترميم
Amendment of section 1 of Sind

2. سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) ايڪٽ، 1987 جنهن ڪي هن کانپوءِ به ايڪٽ ٿي سڏيو ويندو، جنهن جي دفعه 1 جي ذيلي دفعه (3) ۾ هيٺين تبديلي ايندي:-

"(3) هن ايڪٽ جو اطلاق صوبي جي سمورن ڀهراڙين تي هوندو جنهن جي حڪومت پاران هن ايڪٽ جي مقصدن

Act No. VII of 1987

جي حاصلات جي لاءِ ”ٻهراڙي علائقا“ قرار ڏنا ويا آهن.

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 1987 جي دفعه 25 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No. VIII of 1987

3. هاڻي ٻه هن ايڪٽ جي دفعه 2 ۾:

(a) ذيلي دفعه (1) ۾ —

(i) شق (f) ۾ ايندڙ الفاظ ”ٻهراڙي علائقا“ جي جاءِ تي ”علائقا جيڪي حڪومت پاران ٻهراڙي ڏنا ويا آهن“ ڪي متبادل سمجهيو ويندو؛ ۽

(ii) شق (m) ۾ ايندڙ الفاظ ”سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 2001 جا الفاظ متبادل سمجهيا ويندا؛

(b) ذيلي دفعه 2 ۾ ايندڙ الفاظ ۽ اعداد"سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979"جي جاءِ"سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 2001 جا الفاظ متبادل سمجهيا ويندا؛

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1987 جي دفعه 2_A کي شامل ڪيو ويندو
Insertion of section 2_A in Sind Act No. VII of 1987

4. هن جي ايڪٽ ۾، دفعه 2 کانپوءِ، هيٺين ڄاڻايل نئين دفعه کي شامل ڪيو ويندو:-

”(2_A) حڪومت هن ايڪٽ جي مقصدن جي حاصلات لاءِ نوٽي فڪيشن جي ذريعي، ڪنهن تعلقي ۾ شامل ديهه يا حالتن جي مطابق، ڪنهن ڳوٺ کي ٻهراڙيءَ علائقي جو درجو ڏئي سگهجي ٿي.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1987 جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act No. VII of 1987

5. هن ايڪٽ جي دفعه 3 ۾ ”يونين ڪائونسل“ جي الفاظن جي جاءِ تي ”ديهه جا الفاظ“ کي متبادل سمجهيو ويندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**